سيد امير علي شاهه

# شاهه لطف اللهّ قادريءَ جي ڪلام ۾ وحدت الوجود


## *Abstract:*

**Mysticism in the Poetry of Shah Lutufullah Qadri**

*The line story of Sindhi poetry is on the basic of its classical period. According to the scholars, the building of great classical poetry has eight pillars, which are the whose 'Risala's' are the finest work of the poetry and art. Shah Latif is known as the tomb of the monument of classical poetry, while Shah Lutufullah Qadri is one of the basic pillars of classical poetry.*

*In this research paper we have tried to explore mysticism in the poetry of Shah Lutufullah Qadri. As mysticism is the basic philosophy of classical poetry, the same concept is at large in the poetry of Shah Lutufullah Qadri. We have mainly focused and discussed the different dimensions of mysticism from the poetry of Qadri.*


**سنڌ** جي سهڻي سرزمين وقت بہ وقت ڪيترائي عالم ۽ فاضل پيدا ڪيا آهن. هن ساڳئي وقت سخين ۽ سورهين کي بہ جنم ڏنو آهي تہ وري آزاديءَ جي علمبردارن ۽ مرد مجاهدن کي بہ پنهنجي هنج ۾ نپايو آهي. هن سونهاري زمين ڪيترائي اهڙا سڳورا فرزند بہ پيدا ڪيا آهن، جن ۾ هڪ ئي وقت ڪيتريون ئي خوبيون موجود هيون. اُهي رڳو شاعر نہ هئا، پر صوفي درويش بہ هئا تہ اديب ۽ عالم بہ هئا. انهن مان شاهه لطف الله قادري بہ هڪ درويش ۽ صوفي شاعر ٿي گذريو آهي.

شاهه لطف الله قادريءَ جو ڪلام، قاضي قادن ۽ شاهه عبدالڪريم بلڙيءَ واري ڪان پوءِ 'سنڌي اساسي شاعري' جي انهيءَ اوسر ۽ عروج واري سلسلي جي ٽين اهم ڪڙي آهي، يعني انهن ٻنهي صوفي شاعرن کان پوءِ. هن ڪلاسيڪل شاعر پنهنجي ڪلام ۾ عارفاڻي فڪر ذريعي سنڌ جي اساسي شاعريءَ جي تاريخ کي روشن ڪيو.

شاهه لطف الله قادري سن 1020هه مطابق 1611ع ۾ سنڌ جي قديم تاريخي شهر اگهم ڪوٽ ۾ پيدا ٿيو. ان نسبت سان شاهه لطف الله قادري پاڻ کي اگهم ڪوٽي بہ چوائيندو هو. اگهم ڪوٽ، سنڌ جي علميت، ڄاڻ ۽ ڏاهپ جو وڏو مرڪز هو. هن شهر جا آثار حيدرآباد کان 35 - 40 ڪلوميٽر ڏکڻ اوڀر طرف تعلقي ماتلي ۾ ٻڌائجن ٿا. اگهم ڪوٽ ۾ ڪيترائي مدرسا قائم هئا، جن ۾ ڏيهه ۽ پرڏيهه کان آيل عالم، علم پرائي پنهنجي اُڃ اُجهائيندا هئا. شاهه لطف الله قادري بہ اگهم ڪوٽ جي انهن ئي مڪتبن مان





پڙهي پرجهي فيض حاصل ڪيو ۽ پوءِ پنهنجي ڄاڻ جي ڪاڻ کولي، سنڌي ٻوليءَ کي مالا مال ڪيو. سندس وفات 1090هه مطابق 1679ع ۾ پڻ اگهم ڪوٽ ۾ ئي ٿي.

ڪتاب 'سنڌ جا اسلامي درسگاهه' جو مصنف، اگهم ڪوٽ بابت لکي ٿو:

"سنڌ جو هي قديم علمي ۽ تاريخي شهر نيرون ڪوٽ کان ٽيهن ميلن جي مفاصلي تي ڏکڻ اوڀر طرف ٽنڊو غلام علي روڊ تي آهي. هن کي اگهيماٽي بہ ڪري سڏيندا آهن. سومرن جي زماني ۾ هن شهر ۾ وڏو علمي مدرسو هو، جنهن ۾ اٽڪل 500 کن شاگرد قرآن شريف ۽ ٻين ديني علمن جو درس وٺندا هئا. هن مدرسي جي شاگردن جي رهائش، کاڌي خوراڪ ۽ لٽي ڪپڙي جو بار، سومرا درويش ميان دائود، ميان حمل ۽ ميان اسماعيل برداشت ڪندا هئا."(1)

'اگهم ڪوٽ' صوفين ۽ بزرگن جو مرڪز هو، جتي انهن عالمن ۽ صوفين پنهنجي علميت ۽ روحانيت سان 'اگهم ڪوٽ' کي نوازيو. شاهه لطف الله قادريءَ جي تعليم ۽ تربيت بہ اگهم ڪوٽ جي لائق استادن جي هٿ هيٺ ٿي.

"ساڳئي وقت اگهم ڪوٽ 'سهروردي' توڙي 'قادري' طريقن جي بزرگن جي فيض ۽ هدايت جو پڻ مرڪز هو، جن پنهنجي زندگيءَ کي عوام جي اخلاقي تربيت ۽ روحاني خوشيءَ لاءِ وقف ڪري ڇڏيو هو. حضرت غوث الثقلين عبدالقادر جيلانيءَ جي اولاد مان ابوالمناقب شيخ جمال الدين عبدالله جي مريدن مان حضرت شيخ اسحاق بن سلطان بن بهلول قادري، اگهم ڪوٽ ۾ سڪونت اختيار ڪري، اتي قادري طريقي جي دائري کي وسيع ڪيو هو. قادري طريقي جي فيض جا اهي سرچشما جاري هئا، جو شاهه لطف الله قادري پڻ انهيءَ مان سيراب ٿي 'قادري مشرب' اختيار ڪيو ۽ 'قادري' نسبت سان مشهور ٿيو."(2)

شاهه لطف الله قادري پنهنجي تعليم مڪمل ڪرڻ کان پوءِ راهه طريقت ڏانهن مائل ٿيو. پنهنجي علمي فضيلت ۽ ذاتي بزرگيءَ جي ڪري هو خود قادري طريقي جو 'مرشد' ۽ 'شيخ' واري منزل تي پهتو. ان وقت ٻين کي سمجهائڻ خاطر عملي طور سلوڪ ۽ طريقت جي راهه روشن ڪرڻ شروع ڪيائين.

شاهه لطف الله قادريءَ جي تصنيفن ۾ 'تحفة السالڪين'، 'منهاج المعرفت' ۽ 'سنڌي رسالو' شامل آهن. سندس انهن تصنيفن جو مکيه مضمون 'توحيد ۽ طريقت' آهي.

شاهه لطف الله قادري پهريون شاعر هو، جنهن توحيد ۽ طريقت بابت پنهنجن معنوي بيتن جي مجموعي کي 'رسالي' جو نالو ڏنو، يعني 'سنڌيءَ ۾ پهريون رسالو'



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

شاهه لطف الله قادريءَ جو ٿي آهي، جنهن ۾ باقاعده سُر آهن. رسالي جي اصل نسخي ۾ 379 بيت آهن. جڏهن ته فارسي ڪتابن جي بابن جي پڇاڙيءَ ۾ به سنڌي بيت ڏنل آهن. جن جو تعداد ملائڻ سان شاهه لطف الله قادريءَ جي بيتن جو ڪُل انگ 400 بيهي ٿو. اساسي شاعريءَ جي هن اهم شاعر جو رسالو سنڌي نظم جي تاريخ ۾ پهريون وڏو ڪتاب آهي، جيڪو سچي جو سچو وڏي معنيٰ وارن سنڌي بيتن جي صورت ۾ آهي.

”رسالي جوڙڻ مان شاهه لطف الله قادريءَ جو مقصد، محض شاعري نه هو، پر تعليم هو، يعني ته طريقت جا مسئلا سمجهائڻ. انهيءَ تعليمي مقصد خاطر هن عوام جي مادري ٻوليءَ ۾ رسالو تاليف ڪرڻ ضروري ڄاتو، ڇاڪاڻ ته سندس نظريي موجب مادري زبان ۾ ماڻهو سولائيءَ سان، سگهه ۽ چاهه سان سکي سگهندا. اهڙيءَ طرح شاهه لطف الله قادريءَ پنهنجي سنڌي ’رسالي‘ جي مقدمي ۾ سنڌ جي عوام کي سندن مادري زبان سنڌيءَ ۾ تعليم ڏيڻ جي نظريي جو بنياد وڌو. موجوده معلومات مطابق شاهه لطف الله قادريءَ جو ’رسالو‘ ئي پهريون وڏو ڪتاب آهي، جو سچو سربستو سنڌي بيتن ۾ آهي.“(3)

شاهه لطف الله قادريءَ جو زمانو، مغل دور جي گُهٽ، ٻوسٽ، بي چينيءَ ۽ غيريقينيءَ وارو هو، پر ان هوندي به هن درويش پنهنجي ڏاهپ، علم ۽ شعور سان پاڻ ميرايو ۽ ان ئي دور ۾ پنهنجي ذات جي ڏيئن سان ڏيهه کي روشن ڪيو. مغل دور جي حڪومت ۾ جيئن ته مقامي ماڻهن جي حقن جي لتاڙ ٿيندي رهي، ان ڪري سنڌ ۾ ڪنهن به قسم جي ادب جو واڌارو نه ٿي سگهيو، پر جيئن ته ادب، عوام جي دلين مان ڦٽي ٿو ۽ ادب لاءِ مشهور آهي ته عظيم ادب خراب حالتن ۾ ئي پيدا ٿيندو آهي، ان ڪري مغل دور ۾ به سنڌ جي ڏاهن، عالمن، مفڪرن ۽ شاعرن پنهنجي علم جا واهڙ وهايا ۽ ذات جا ڏيئا روشن ڪيا. ڪلهوڙن جي دور کي به سنڌي ادب جو سونهري دور چيو ويندو آهي، پر ان سونهري دور جو ٻج مغل دور ۾ پيو. هن دور جي اهم شاعرن ۾ ميون شاهه عنايت رضوي، ميون عيسو، عثمان احساني، علاءِ الدين سومرو، فاضل بکري، احسان فقير لانگاهه ۽ مخدوم سليمان شامل هئا.

موجوده سنڌي صورتخطيءَ جي پيڙهه يعني ’ابوالحسن واري سنڌي‘ جو مؤجد مخدوم ابوالحسن ٺٽويءَ جو تعلق پڻ مغل دور سان هو. ان ئي دور ۾ ’وائي‘ لکي وئي، ۽ لوڪ ادب پڻ جهجهي انداز ۾ لکيو ويو. پيرو ڪٽي لوڪ ادب جي حوالي سبب گهڻو مقبول ٿيو.





”شاهه لطف الله قادريءَ جي پنهنجي عالمانه لياقت ۽ عارفانه بصيرت اعليٰ پايي جي هئي، جو اهڙي علمي موضوع کي سولو ڪري سمجهايائين، پر ان سان گڏوگڏ اها به هڪ حقيقت هئي ته ان وقت ۾ سنڌي ٻوليءَ ۾ پڻ بيان جي وڏي وسعت پيدا ٿي چڪي هئي. شاهه لطف الله قادري وحدت ۽ ڪثرت جي حقيقت کي تصوف جي روشنيءَ ۾ عام فهم سنڌي بيتن ذريعي سهڻن اصطلاحن ۽ تمثيلن سان سهڻو ڪري سمجهايو.“(4)

شاهه لطف الله قادري پنهنجي رسالي ۾ تصوف جي ڳُوڙهن نقطن، روحاني فڪر، پاڻ سڃاڻڻ ۽ وحدانيت جي فلسفي کي بيان ڪيو آهي. سندس فڪر ۾، هر هڪ شيءِ ان ذات مطلق جو اولڙو آهي. انهيءَ ڪري صفات يا ڪثرت جو حقيقي وجود آهي ئي ڪو نه. يعني ٻيو ڪجهه به ڪونهي، فقط ’ذات مطلق‘ ئي آهي، انهيءَ ذات جو جلوو جاري آهي، يعني جڏهن هو پنهنجو پاڻ فنا ڪري ٿو تڏهن ڪيس حقيقي ذات نظر اچي ٿي. حقيقي ذات انسان کان پري نه آهي، انسان ۾ ئي سمايل آهي. اهو ئي هر وقت هادي ۽ رهنما آهي. لطف الله قادري فرمائي ٿو:

سوئي رازق، ربُّ سو، سوئي سو جليلُ،
سوئي عالم، علاّمُ سو، سوئي سو خليلُ،
سوئي هادي، هدايت سا، سوئي سو دليلُ،
جي ڪثير جي قليل، ته سيوئي سُپُرين.
(ص: 41)

”ڪائنات جي ڪثرت جون رنگينيون، الله تعاليٰ جي صفتن ۽ اسمن جا مظهر آهن. ڪائنات جي ڪا شيءِ يا ڪو وجود يا ڪا هستي، ڪنهن هڪ اسم جو مظهر آهي، ڪو ٻن اسمن جو مظهر آهي ته ڪا وري مختلف اسمن جو مظهر آهي. مطلب ته مجموعي ڪائنات الله تعاليٰ جي ڪيترن ئي اسمن جو مظهر آهي. الله تعاليٰ ظاهر ڪرڻ وارو آهي ۽ ڪائنات مظهر آهي. هن پنهنجي صفتن ۽ اسمن کي هن ڪائنات جي ظهور سان ظاهر فرمايو. انهن مظهرن جي تفصيل جو جيڪڏهن خلاصو ۽ تتُ ٻڌائجي ته اهو انسان آهي. جيڪي ڪجهه ڪائنات ۾ آهي. اهو مجموعي طرح انسان ۾ موجود آهي ۽ جيڪو انسان ۾ آهي، اهو تفصيل ڪائنات ۾ آهي. فرق اهو آهي ته انسان ۾ مجمل نموني آهي ۽ ڪائنات ۾ تفصيل سان ۽ وچور وارو آهي. اهو ئي سبب آهي جو انساني وجود ۾ وحدت ۽ ڪثرت گڏوگڏ موجود آهي.“ (5)

تصوف ۾ خدا کي سمجهڻ ۽ سچائي پروڙڻ لاءِ پاڻ سڃاڻڻ ضروري آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

جڏهن انسان پنهنجي خوديءَ کي ختم ڪري ٿو، تڏهن ئي هو پنهنجو پاڻ کي سڃاڻي ٿو. پنهنجو پاڻ کي سڃاڻڻ سان ئي انسان معرفت جي منزل کي رسي ٿو. شاهه لطف الله قادري فرمائي ٿو:

'پاڻ' ئي رهيو پاڻ سو، وِئا سڀ اَقسامَ،
مڙوئي محوُ ٿئو، نڪا اِتَ خاصَ نه عامَ،
"ڪُلّ شَيءِ هالِڪٌ اِلاّ وَجههٗ"، وسُهُ اِنَ ڪلام،
'لا' سندي لامَ، وچان سَڀُ لاهي ڇڏئو.
(ص: 31)

صوفين جي فڪر ۾ خدا پاڪ کان سواءِ ٻيو ڪجهه به نه آهي. هُو هر شيءِ تي قادر آهي. اها ذات اول به آهي، آخر به آهي، ظاهر به آهي ۽ باطن به آهي. دنيا جي هر شيءِ مالڪ حقيقيءَ جي شاهدي ڏيئي ٿي ته بيشڪ هُو لاشريڪ آهي ۽ هن جو ڪو به همعصر ڪونهي. شاهه لطف الله قادري چوي ٿو:

سائي صُورت سِيرت سڄڻين، سوئي حُسنُ ڪمالُ،
سائي ذات ظرافت پِريَ جي، سوئي سو جمالُ،
سوئي ظاهرُ، باطنُ سو، سوئي سو خيالُ،
سڀُ سيوئي حالُ، اونهائيَ انتُ ناهه ڪو.
(ص: 44)

يعني مجازي دنيا کي ترڪ ڪري، انهيءَ هڪڙي الله جي ياد ۾ فنا في الله کي پهچي ويندين ۽ پاڻ ئي توکي انهيءَ حسن ڪمال جي ڄاڻ پوندي ۽ انهيءَ جي صورت ۽ قدرت کان سواءِ ٻيو ڪجهه ڏسڻ ۾ نه ايندءِ، جو ڪجهه جهان ۾ آهي، اهو ئي حقيقي ذات جو جلوو آهي.

"حقِ باري تعاليٰ جي ذات واحد آهي. عشق جي پٽي تي فقط 'الف' ئي لکيل هوندو آهي، جيڪو سالڪ کي پڙهڻو آهي. 'الف' جي انهيءَ نقطي ۾ صوفيءَ لاءِ سمورو خزانو لڪل آهي، 'ب' پڙهڻ سان هن کي ڪجهه به حاصل ٿيڻو ناهي. 'الف' جو اهو نقطو نيارو آهي. 'الف' جو نقطو سڃاڻڻ لاءِ عشق جي راهه جو انسان جي اندر ۾ دڪيل هجڻ به تمام ضروري آهي، جنهن ۾ سالڪ جون سموريون نفسياتي خواهشون سڙي ختم ٿي وڃن ته جيئن هن جي اندر مان 'مان' وارو فرق متجي وڃي ۽ پوءِ اهو ئي سچو عاشق بڻجي پوندو. اها عشق جي باهه جي تپش آهي جو صوفي، دنيا جا سمورا لڳ لاڳاپا لاهي، هڪ 'خدا' جي فڪر ۾ مستغرق ٿي وڃي ٿو."(6)

شاهه لطف الله قادريءَ وٽ به دنيا جا سڀ اکر وساري، فقط شروع وارو اکر





'الف' (الله جي نالي جو پهريون اکر) ئي ياد ڪرڻ وارو نظريو آهي. پاڻ فرمائي ٿو:

پيهي پَروڙج ڳالهڙي، 'الف' اِيءَ اهڃاڻُ،
رهئو جَني روح ۾، تَن وئو وچان ئي پاڻُ،
"وَهُوَ معڪُم اَينَما ڪُنتُمُ"، تو اوڏو تو ساڻُ،
جي پروڙيين پاڻ، ته پِريَ ري ڪي نه پسين.
(ص: 44)

اصل انسان اهو آهي، جو رب پاڪ جي فرمان ۽ نبي ڪريم ﷺ جن جي سنت ۽ حديث تي عمل ڪندي پنهنجو اندر صاف ڪري. رب ڏورڻ سان نه ٿو ملي، پر پنهنجي اندر جهاتي پائڻ ۽ پاڻ کي ماري مات ڪرڻ سان ئي سپرين پسجي ٿو:

پيهي جي پروڙين، سندو عشق ذاتُ،
ته اي ڪَهيو اندرِ ڪورا ڪري، سندو عشق ڪاتُ،
هتِ ڪوڙين هئا ڪيترا، جي ماري ڪِئائين مات،
اِنَ عاشقيءَ جو آتُ، پِريَ ري ڪيرُ پَروڙي.
(ص: 46)

جيڪا هيءَ گهڻائي هن جهان ۾ نظر اچي ٿي، يعني (ڪثرت)، اها پاڻ اصل وحدت کان ئي آهي، پر اها ڪثرت وحدت ڪل يعني هڪڙي شيءِ آهي. شاهه لطف الله قادري فرمائي ٿو:

واحدت سڀ وجود ۾، هيڪا هيڪ پَسّنِ،
اُوءِ ٻئايان ٻَهارِ ٿيا، دعوي دمُر نه ڪن،
سي منجهه حيرت رهن، "ڪِيَن" ڪيائون تَڪِيو.
(ص: 6)

هڪ ٻئي هنڌ فرمائي ٿو:

حَقّائين حَقُّ ٿئا، حَقان ٿِئَن حَقُّ،
عقل وِياچ مَر اُن سين، جني ذات مُطلَقّ،
لا موجود شيءَ غيرالله، اِي ساري پڙهيائون سبق،
سي واري وحدت ورقُ، اُوءِ نِسورو ئي ناهه ٿئا.
(ص: 7)

خدا هر شيءِ تي قادر آهي. ذات اول به آهي ته آخر به آهي. دنيا جي هر شيءِ مالڪ حقيقيءَ جي وجود جي شاهدي ڏيئي ته بيشڪ هُو لاشريڪ آهي ۽ هن جو ڪو به همسر نه آهي.



Shah Abdul Latif Bhitai Chair

مولانا جلال الدين رومي پنهنجي تصنيف ’مثنوي رومي‘ ۾ لکي ٿو: ”خدا تعاليٰ هن زمين ۽ آسمان ۾، جيکي بہ انهن ۾ آهي، سو سڀ حاجتمندن جي حاجت روائيءَ لاءِ پيدا ڪيو آهي. جتي گهرج پيدا ٿئي ٿي اُتي گهرج جو سامان موجود ٿئي ٿو، جتي درد پيدا ٿئي ٿو، اُتي درد جي دوا ميسر ٿئي ٿي. اي انسان تون فقط پنهنجي اندر ۾ طلب پيدا ڪر تہ مطلوب توکي حاصل ٿئي.“ (7)

طالب کي پنهنجي هستي وڃائڻ گهرجي ۽ پڻ پاڻ کي مخفي ڪري، مطلوب ۾ فنا ٿي سمائجي وڃڻ گهرجي. پرينءَ جو رنگ هر جمال ۾ وسي ٿو.

شاهہ لطف الله قادري فرمائي ٿو: ”حقيقي ذات سمنڊ مثل آهي، جنهن مان ڪروڙين موجون وجود ۾ اچن ٿيون ۽ اهي حقيقي ذات جو مختلف روپ ۽ عڪس آهن ۽ واپس وري ان ئي سمنڊ ۾ سمائجي وڃن ٿيون:

سمنڊ ڪنيو پساهہ، ڪوڙين موجَ اُڀرئا،
ڪي اجهامي اُٿيا، اُنَ آهي پرِ اِها،
سيئي ڪونِ مڪانَ سي، سيئي سي ٿئا،
”الا اِنَّہُ بِڪُلِ شيءٍ مُحيطٌ“، مڙوئي درياء.
(ص: 30)

يعني خدا پاڪ جي جمال جا ڪروڙين نظارا ۽ روپ آهن. هر ڪا شيءِ ان ۾ ذات حقيقيءَ جو ئي عڪس آهي. فقط اهو ئي آهي، ان کان سواءِ سڀ غير آهي. اهو ئي صاحب حقيقي آهي ۽ سڀ جوڙجڪ انهيءَ کان ئي آهي. انهيءَ ذات جو رنگ هر من ۾ آهي. انهيءَ رنگ جو جلوو پاڻ کي سڃاڻڻ سان ئي پسجي ٿو. شاهہ لطف الله قادري چوي ٿو:

نڪو ماڙهو، نہ مَلَڪَ ڪو، نڪو جهنّم نہ جنَّتَ،
نڪو ضؤ نہ ظرافت ڪا، نڪو ڪَهڻُ نہ ڪاهَتَ،
نڪو حيضُ نہ حسابُ، نڪو عقلُ نہ عادتَ،
پيهي جي پروڙئين تہ مڙوئي وحدتَ،
”لِمنِ الملڪ اليوم لله الواحد القهّار“، سائي ساعَتَ.
(ص: 33)

هُو سنڀال لهندڙ بہ پاڻ آهي تہ سڃاڻندڙ يا چڱيءَ شيءِ جو طلبيندڙ. سڀ ڪجهہ انهيءَ سالڪ کي معلوم آهي. اهوئي نفعي ۽ نقصان پهچائڻ وارو آهي، يعني سڀ ڪجهہ رب کان ئي آهي. هو پاڻ ئي طالب آهي ۽ پاڻ کي سڃاڻي بہ ٿو، مطلب تہ پنهنجو پيارو محبوب پاڻ ئي آهي. شاهہ لطف الله قادري فرمائي ٿو:

پاڻهين آهي پاتشاهُ، سڀ پاڻهين پاڻِ،





پِرين پاڻهين پاڻ سين، پاڻهين پاڻ رِهاڻِ،
پَاڻهين وِرونهي وندري، پاڻهين پاڻ ساڻِ،
سو راهہ سا رهاڻِ، ڳالهہ مڙوئي هيڪڙي.
(ص: 35)

هڪ ٻئي هنڌ چوي ٿو:

سوئي سلطانُ، شاهہ سو، سوئي پيڙهي راءُ،
سوئي حڪم هلائي عالم ۾، سوئي ڏيکاريندڙ راهہ،
سوئي اٿياريندڙ، وهاري سوئي، سوئي سيريندڙ ساهہ،
”لا غيري ولا انا غيرہُ“، اِيَ هي پَرِ اِلٰہَ،
روح رڳون ۽ ساهہ، سڀ ڳالهہ هيڪڙي.
(ص: 37)

مجموعي طور شاهہ لطف الله قادريءَ جو ڪلام تصوف جي رنگ سان ٽمٽار آهي، جنهن ۾ طالب لاءِ وحدت، ڪثرت، فنا، بقا، نفي، اثبات، ذڪر ۽ فڪر جا نقطا بيان ٿيل آهن. طالب، هر وقت حق جي ڳولا ۾ رهن ٿا. اها حق ۽ سچ واري واٽ آهي ۽ ان ئي واٽ تي حقيقي ذات جو جلوو پسن ٿا. شاهہ لطف الله قادريءَ جي ڪلام جو بنيادي نقطو ئي تصوف آهي. ان ئي فڪر مطابق، انسان جي اندر ۽ ٻاهر اهو ئي هڪ خدا موجود آهي، اهو ئي حق جدا جدا صورت ۾ ظاهر ٿئي ٿو. اهو ئي ويجهو ۽ پري آهي، اهو ئي مددگار ۽ پالڻهار آهي. اهو ئي پاڻ عاشق ۽ معشوق آهي، مقصد تہ هر صورت ۽ هر مظهر ۾ فقط ئي فقط ذات واحد موجود آهي.

## حوالا


1. ٽالپر، محمد جمن، ڊاڪٽر، ’سنڌ جا اسلامي درسگاهہ‘، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، 2007ع، ص: 121.
2. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’شاهہ لطف الله قادري جو ڪلام‘، انسٽيٽيوٽ آف سنڌالاجي، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 2004ع، ص: 11. (مقالي ۾ شامل بيت هن رسالي مان کنيل آهن.)
3. ساڳيو، ص: 29.
4. بلوچ، نبي بخش خان، ڊاڪٽر، ’سنڌي ٻولي ۽ ادب جي تاريخ‘، پاڪستان اسٽڊي سينٽر، سنڌ يونيورسٽي، ڄامشورو، 1990ع، ص: 379
5. ميمڻ عبدالمجيد، سنڌي، ڊاڪٽر، ’سچل جو پيغام‘، مهراڻ اڪيڊمي، شڪارپور، 2004ع، ص: 189.
6. بخاري، مخمور، ڊاڪٽر، ’سچل سرمست ۽ ان جا همعصر‘، ثقافت کاتو، حڪومت سنڌ، 2011ع، ص: 187.
7. رومي، جلال الدين، مولانا، ’مثنوي رومي‘، سنڌيڪار: غلام محمد شاهواڻي، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي، 2003ع، ص: 316.